سبق 11

# محبت وطن جي

## ڏکين لفظن جي معنيٰ












| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| محبت | پيار |
| وطن | ملڪ، ديس |
| جهالت | لاعلمي |
| بدولت | جي ڪري |
| زيب | شان |
| زينت | سونهن، شان |
| فدا | قربان |
| سدا | هميشه |
| دائم | هميشه |
| قائم | سلامت |
| ساراهه | واکاڻ، تعريف |
| گيت | نغما |

## بيتن جي سمجهاڻي

محبت وطن سان رکون ٿا اسين،

وطن جي پيا خدمت ڪيون ٿا اسين.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته اسان کي پنهنجي وطن سان پيار آهي ۽ اسين وطن جي خدمت ڪندا رهون ٿا.

وطن مان جهالت هڪالي ڪيون،

علم جي بدولت ٿا عزت لهون.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”غلام محمد غازي“ چوي ٿو ته اسان کي

گھرجي تہ جهالت، بي علمي ۽ جٽ پٽي کي هتان ڪڍي ڇڏيون، ڇوجو هر ڪنھن کي علم جي ڪري ئي عزت ملي ٿي.

وطن زيب آهي اسان جو ادا،

وطن جي ٿا زينت پيا بڻجون سدا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو تہ اسان جو وطن اسان جو شان ۽ مان آهي ۽ اسين پنهنجي وطن جو وقار آهيون.

هميشہ رهي نيڪ نامي هتي،

وطن لئہ دعائون گهرون ٿا سدا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو تہ اسان پنهنجي ملڪ جي لاءِ دعائون ٿا گهرون تہ اسان جي ملڪ ۾ رڳو ڀلائي رهي ۽ اسان جو ملڪ بدنام نہ ٿئي.

وطن جي بدولت ئي عزت ملي،

ڪلون ٿا تہ گڏ گڏ ٿي دنيا ڪلي.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو تہ اسان کي هر هنڌ عزت پنهنجي وطن جي ڪري ئي ملي ٿي ۽ اسان جي خوشين ۾ هرڪو خوش پيو ٿئي.

وطن لئہ دعائون گهرون ٿا سدا،

سو رکجانءِ دائم ۽ قائم خدا.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو تہ اسان پنهنجي وطن لاءِ دعائون ٿا گهرون ٿا تہ اي الله سائين! اسان جي وطن کي هميشہ قائم رکجان.

وطن جي ٿا ساراھ "غازي" ڪيون،

شڪايت نہ پنهنجي وطن جي ڪيون.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر "غلام محمد غازي" چوي ٿو تہ اسان پنهنجي وطن جي تعريف ڪريون ٿا ۽ پنهنجي وطن جي ڪنھن سان شڪايت نٿا ڪريون.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. شاعر وطن لئہ ڪهڙي دعا گهري ٿو؟

ج. شاعر وطن لئہ هي دعا گهري ٿو تہ اي الله پاڪ اسان جي وطن کي دائم ۽ قائم رکُ.

2. شاعر وطن مان ڪهڙي شيءِ هڪالي ڪڍڻ لاءِ چوي ٿو؟

ج. شاعر وطن مان جهالت هڪالي ڪڍڻ لاءِ چوي ٿو.

### ب هيٺيان خال ڀريو:

1. ____محبت____ وطن سان رکون ٿا اسين
2. علم جي ____بدولت____ ٿا عزت لهون
3. وطن لئہ ____دعائون____ گهرون ٿا سدا
4. وطن جي ٿا ____ساراهہ____ غازي ڪيون

### ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| محبت | نفرت | نيڪ نامي | بدنامي |
| دنيا | آخرت | هميشہ | ڪڏهن ڪڏهن |
| شڪايت | حمايت | نيڪ | بد |

## ڊ لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| جهالت | لاعلميءَ اوندھ |
| جملو | وطن مان جهالت ڪڍڻ گهرجي. |
| زينت | سونهن |
| جملو | وطن کي صاف سترو رکڻ سان وطن جي زينت وڌي ٿي. |
| وطن | ديس |
| جملو | هر ماڻهوءَ کي پنهنجي وطن سان محبت هوندي آهي. |
| شڪايت | دانهن |
| جملو | اسان کي پنهنجي استادن کي شڪايت جو موقعو نه ڏيڻ گهرجي. |
| عزت | مرتبو/احترام |
| جملو | وطن جي عزت خاطر جان جي پرواھ نه ڪرڻ گهرجي. |

## ر هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| خدمت | خدمتون | عِلمُ | عِلمَ |
| محبت | محبتون | دعا | دعائون |
| جهالت | جهالتون | نيڪ نامي | نيڪ ناميون |

# شهيد هوش محمد شيدي



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| سِرُ | جان | مُڙيو | رکيو، باز آيو |
| دڙڪو | ڌمڪي | جوڌن | بهادرن |
| محب وطن | وطن سان پيار ڪندڙ | همعصر | هڪ دور جا |
| اتساهه | اپارڻ | سورمن | بهادرن |
| ويڇا | فرق | حويلي | ڪوٽ، گهر، ويڙهو |
| دغا | دوکو | ارڏو | ارادي ۾ پڪو |
| | خواهش | ارادو | |

## سبق جو خلاصو

سنڌ ڌرتيءَ ڪيترن ئي بهادر ۽ دلير انسانن کي جنم ڏنو آهي، جيڪي هن سرزمين جي آزادي ۽ سلامتيءَ لاءِ جان قربان ڪري تاريخ ۾ هميشہ زنده ٿي ويا. اهڙن محب وطن ۽ دلير انسانن ۾ شهيد هوش محمد شيديءَ جو نالو مٿانهون آهي، جنهن انگريزن جي خلاف بهادريءَ سان وڙهندي سر ڏنو.

شهيد هوش محمد قمبراڻي پنهنجي پيءُ وانگر، سنڌ جي ٽالپر حڪمران مير فتح علي خان جي حويليءَ جو ملازم هو. هوش محمد 1801ع ڌاري پيدا ٿيو. مير فتح علي خان جو پٽ مير صوبدار سندس دوست هو. هوشو هن جو هروقت ساٿ ڏيندو هو، پرجڏهن انگريزن مير صوبدار سان ملي سنڌ تي حملي لاءِ سوچيو تہ هوشوءَ کي اها ڳالهہ نہ وڻي ۽ مير صوبدار کي گهڻو سمجهايو تہ انگريز سنڌ جا دشمن آهن ۽ انهن جي سازش ۾ نہ اچ، پر هُو نہ مُڙيو.

اهڙي طرح انگريزن آهستي آهستي سنڌ تي قدم ڄمائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ 1843ع ۾ هنن سنڌ جي حڪمران ٽالپرن کي دڙڪا ڏئي ناهہ لاءِ راضي ڪيو. اجان ناهہ جون ڳالهيون مس شروع ٿيون تہ 11 جنوري 1843ع تي انگريزن حملو ڪري خيرپور جي ميرن جو ”امام ڳڙهہ“ وارو قلعو فتح ڪري ورتو.

17 فيبروري 1843ع تي مياڻيءَ جي جنگ لڳي تہ انگريزن مير صوبدار خان جي ذريعي حيدرآباد جي ميرن کي پيش پوڻ لاءِ پيشڪش ڪئي. هوشو ان وقت بہ مير صوبدار خان جي سخت مخالفت ڪندي کيس چيو تہ ”مير صاحب پنهنجن کي مارائي، سرداري بچائڻ ديس سان دشمني آهي. عوام جو ساٿ ڏي ۽ سورمن وانگر وڙهہ!“ ان تي مير صوبدار مٿس ڪاوڙ ڏيکاري ۽ کيس چيو تہ ”منهنجي اکين اڳيان ٽري وڃ“. انگريز هڪ هڪ مير کي پڪڙي سندن ملڪيتن تي قبضا ڪندا ويا ۽ 21 فيبروري

1843ع تي انگريزن جي فوج حيدرآباد جي قلعي ۾ داخل ٿي. ميرن جي خزاني تي قبضو ڪيو ۽ مير محمود ۽ مير صوبدار خان کي پڻ زبردستي قلعي مان ڪڍي قيدي بڻايو.

هوش محمد شيدي ”دُبي واري جنگ“ ۾ هڪ سؤ ساٿين سان پوئين پساهن تائين وڙهندو رهيو ۽ تاريخي نعرو هنيو تہ ”مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون“ هوشوءَ جي بهادريءَ ۽ سورهيائيءَ کي انگريز فاتحن ساراهيو آهي.

23 مارچ 1843ع سنڌ جي سورمي جنرل هوشو شيديءَ جي شهادت جو ڏينهن سنڌ جي تاريخ ۾ هميشہ ياد رهندو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هوشو شيدي ڪهڙي مير جو ساٿي ۽ همعصر هو؟

ج: هوشو شيدي مير فتح علي خان جي پٽ مير صوبدار جو ساٿي ۽ همعصر هو.

2. هوشوءَ ڪهڙو تاريخي نعرو هنيو؟

ج: هوشوءَ هي تاريخي نعرو هنيو تہ، ”مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون.

3. مير صوبدار خان ڇو انگريزن جو ساٿ ڏنو؟

ج: انگريزن، مير صوبدار کي حڪومت جا خواب ڏيکاري پنهنجو ڪري ورتو هو.

4. مير شيرمحمد ملڪاڻي ڪير هو؟

ج: مير شير محمد ملڪاڻي سپهہ سالار هو.

5. هوشو ڪهڙي جنگ ۾ شهيد ٿيو؟

ج: هوشو دُبي واري جنگ ۾ شهيد ٿيو.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. هوشو ___دبي واري___ جنگ ۾ شهيد ٿيو.
2. هوشوءَ ___23 مارچ___ 1843ع ۾ شهادت ماڻي.
3. هوشوءَ ___تاريخي___ نعرو هنيو.
4. سنڌ ڌرتيءَ کي هوشوءَ جهڙي جوان تي هميشه ___فخر___ رهندو.

## ج لفظن جي معنيٰ لکيو، جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| خواهش | تمنا |
| جملو | انگريزن جي خواهش هئي ته سنڌ ۾ پير ڄمائين. |
| سازش | رٿ |
| جملو | اسان کي ڪنهن جي خلاف سازش نه ڪرڻ گهرجي. |
| محب وطن | وطن سان پيار ڪندڙ |
| جملو | هوش محمد شيدي هڪ محبِ وطن انسان هو. |
| مرتبو | مان |
| جملو | هوش محمد، پنهنجي وطن جو مرتبو وڌائڻ لاءِ جان جي پرواهه نه ڪئي. |
| ويڇا | اختلاف |
| جملو | هوشوءَ، مير صوبدار کي چيو ته سڀ ويڇا وساري پنهنجي چاچي جي مدد ڪر. |

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| جوان | پوڙهو | دوست | دشمن |
| شڪست | فتح | جنگ | امن |
| مخالف | حامي | ملازم | مالڪ |

## ر صحيح جواب چونڊيو.

1. سنڌ ڌرتيءَ ڪيترن ئي دلير انسانن کي جنم ڏنو آهي.

(i) محنتي (ii) بزدل (iii) دلير ✓

2. هوش محمد شيديءَ جي پيدائش سال 1801ع ۾ ٿي.

(i) 1801ع ✓ (ii) 1802ع (iii) 1803ع

3. هن مير صوبدار کي سمجهايو ته انگريز سنڌ جا دشمن آهن.

(i) عرب (ii) مغل (iii) انگريز ✓

4. 17 فيبروري 1843ع تي مياڻيءَ جي جنگ لڳي.

(i) 1843ع ✓ (ii) 1844ع (iii) 1845ع

5. سنڌ جي تاريخ ۾ 23 مارچ 1843ع جو ڏينهن هميشه ياد رکيو ويندو.

(i) پنجاب (ii) سنڌ ✓ (iii) بلوچستان

سبق 13

# ڪمپيوٽر



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| معنيٰ | لفظ | معنيٰ | لفظ |
|---|---|---|---|
| گهرج مطابق | گهربل | گهٽائي واري حالت | ذخيرو |
| ونڻ | وصول | ڪم جي حالت | ڪارڪردگي |
| سامان | مواد | جذب ٿي | سمائجي |
| نصب ڪرڻ | انسٽال | يادگيري | حافظو |

### سبق جو خلاصو

هن دنيا ۾ ڪيترين ئي عجيب و غريب شيون ايجاد ٿي چڪيون آهن، پر ڪمپيوٽر انهن سيني مان انتهائي حيرت ۾ وجهندڙ ايجاد آهي. 1946ع ۾ پهريان آمريڪا وارن هڪ ڪمپيوٽر ايجاد ڪيو، ان جي سائيز تمام وڏي هئي ۽ هن کي هڪ پوري ڪمري ۾ رکيو ويندو هو ۽ ان کي هلائڻ لاءِ گهڻا ماڻهو گهربل هوندا هئا، پر هينئر ته ايتري ننڍي سائيز ۾ ڪمپيوٽر ايجاد ٿي چڪا آهن، جو هڪ ننڍي خاني يا هٿ واري بئگ ۾ انهن کي رکي سگهجي ٿو. اچو ته ڪمپيوٽر بابت ڪجهه معلومات حاصل ڪريون.

ڪمپيوٽر جي مشين سڀ کان اول معلومات کي هڪ ڪي بورڊ جنهن تي الف ب (A.B.C) لکيل هوندي آهي، جنهن جي ذريعي سينٽرل پروسيسنگ يونٽ ۾ وصول ڪندي آهي. هي ڪمپيوٽر جو دماغ سڏبو آهي. هتي حاصل ٿيل پيغام کي بائينري سسٽم ۾ تبديل ڪري ونبو آهي. اهڙي طرح ڪمپيوٽر کان سوال ۽ جواب مشين سان ڳنڍيل هڪ ”ٽيليويزن اسڪرين“ يا پردي تي ڏسي سگهجن ٿا، جنهن کي مانيٽر چئبو آهي. ان سسٽم سان هڪ پرنٽر لڳائڻ سان هر معلومات کي ڇپيل صورت ۾ حاصل ڪري سگهبو آهي.

اڄوڪي دنيا ۾ تقريبن هر ڪم ڪمپيوٽر جي ذريعي ڪيو وڃي ٿو. حساب ڪتاب، جڳهن جا نقشا وغيره، تصويرن، ايسٽائين جو جديد ميزائيل پڻ ڪمپيوٽر جي ذريعي درست نشاني تي پهچائي سگهجن ٿا.

ڪمپيوٽر جا ٻه مکيه حصا آهن: (1) هارڊ ويئر (2) سافٽ ويئر. هارڊ ويئر جو حصو ڪمپيوٽر جي جسماني پُرزن سان تعلق رکي ٿو ۽ سافٽ ويئر وري ان جي اندروني پروگرامن ۽ صلاحيتن سان تعلق رکي ٿو ۽ اهي ٻئي حصا ڪمپيوٽر جي جان آهن.

ٻارؤ! توهان کي اها خبر ٻُڌي حيرت ونندي ته جيئن هر مخلوق ۾ ”وبا“ جي وچڙندڙ بيماري پيدا ٿيندي آهي. اهڙي طرح ڪمپيوٽر کي به هڪ وچڙندڙ بيماري لڳندي آهي، جنهن کي ”وائرس“ چئبو آهي. ان وائرس جي ڪري محفوظ ڪيل سڄو مواد ختم ٿي ويندو آهي. اهو وائرس مختلف پروگرامن جي ذريعي داخل ڪيو ويندو آهي ۽ اهو ڪم شرارتي قسم جا ماڻهو ڪندا آهن. هنن کي پنهنجي شرارت ۾ مزو ايندو آهي ۽ ويچارا ڪمپيوٽر وارا ڏاڍو پريشان ٿي ويندا آهن.

ٻارؤ! اهو ٻُڌي توهان کي ويتر حيرت ٿيندي ته جهڙي طرح هر بيماريءَ جو علاج آهي، ساڳيءَ طرح ان وائرس کي ختم ڪرڻ لاءِ به ”وائرس ٽوڙ“ پروگرام جوڙيو ويو آهي، جنهن وسيلي ڪمپيوٽر جو نظام

۽ مواد بچائي سگهبو آهي.

اسان کي گھرجي تہ هن حيرت انگيز ايجاد مان جائز فائدو وٺون ۽ ڪمپيوٽر استعمال ڪرڻ سکون.

## مشق

### ① هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. سڀ کان پهريان ڪمپيوٽر ڪنهن ۽ ڪڏهن ناهيو؟

ج: آمريڪا جي هڪ ڪمپنيءَ 1946ع ۾ سڀ کان پهريان ڪمپيوٽر ناهيو.

2. پهرين ناهيل ڪمپيوٽر ۽ هاڻوڪي ڪمپيوٽرن ۾ سائز جو ڪهڙو فرق آهي؟

ج: پهرين ناهيل ڪمپيوٽر سڄي ڪمري يا ڪوٺي جيترو هو ۽ هاڻوڪا ڪمپيوٽر ننڍڙي خاني، ڪيسي يا بئگ ۾ کڻي سگهجن ٿا ڇو تہ انهن ۾ وزن تمام ٿورو آهي ۽ کڻڻ ۾ هلڪا آهن.

3. ڪمپيوٽر جا ڪهڙا ڪم هوندا آهن؟

ج: اڄڪلهہ ڪوڙ ساريون شيون ڪمپيوٽر تي ٿين ٿيون. جايون ناهيندڙ انجنيئر ڪمپيوٽر تي بلڊنگ جا نقشا، رستن ۽ پلين جو بناوتون وغيره ناهين ٿا. حساب ڪتاب لاءِ ڪاروباري ماڻهو بہ ڪمپيوٽر جو استعمال ڪن ٿا. جديد ميزائل ڪمپيوٽر ذريعي درست نشاني تي وڃي پهچن ٿا.

4. ڪمپيوٽر جي مکيہ حصن جي باري ۾ توهان ڇا ٿا ڄاڻو؟

ج: ڪمپيوٽر جا مک ٽي حصا آهن، (1) ڪي بورڊ (2) سي پي يو (3) مانيٽر پهريان اسان جيڪو ڪجهہ لکون ٿا، اهو

ڪي بورڊ جي ذريعي لکجي ٿو ۽ اها لکت وري سي پي يو ۾ وڃي ٿي ۽ اتي ئي متس عمل (پروسيس) ٿئي ٿو ۽ مانيٽر تي انهيءَ عمل جو نتيجو ڏسي سگهجي ٿو.

5 هارڊ ويئر ۽ سافٽ ويئر ڇاکي چئبو آهي؟

ج ڪمپيوٽر جي بنيادي اليڪٽراني ايليمينٽ ۽ انهن سان واسطو رکندڙ شين کي هارڊ ويئر چئبو آهي. سافٽ ويئر هدايتن جو عملي پروگرام آهي، جيڪو ڪمپيوٽر کي عملي طرح تيار ڪندو آهي. سافٽ ويئر ڄڻ ته ڪمپيوٽر سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو نالو آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. ڪمپيوٽر انسان جي بين ايجادن وانگر هڪ **حيرت جهڙي** ايجاد آهي.
2. ڪمپيوٽر جو دماغ هڪ ننڍڙي **مائڪرو چپ** ۾ سمائجي وڃي ٿو.
3. سافٽ ويئر ڄڻ ته **ڪمپيوٽر** سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو نالو آهي.
4. وائرس ڪمپيوٽر کي ڪجهه **سيڪنڊن** اندر متاثر ڪندو آهي.
5. شروعاتي ڪمپيوٽر جي **ڪارڪردگي** تمام **سست** ۽ مونجهاري واري هئي.

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| لفظ | جمع | لفظ | جمع |
|---|---|---|---|
| بناوت | بناوتون | وڏو | وڏا/ وڏيون |
| تبديلي | تبديليون | اسپتال | اسپتالون |
| معلومات | معلوماتون | واسطو | واسطا |

## د صحيح جواب چونڊيو.

1. ڪمپيوٽر جا مکيہ حصا آهن:

(i) ٻہ (ii) ٽي ✓ (iii) چار

2. سڀ ڪان پهريان ڏيٽا ___سي پي يو___ حصي ۾ ويندي آهي.

(i) ڪي بورڊ (ii) مانيٽر (iii) سي پي يو ✓

3. اينيئڪ (ENIAC) ڪمپيوٽر ___ڪمري___ جيترو وڏو هو.

(i) ٽي ويءَ (ii) ڪمري ✓ (iii) هال

4. ڪمپيوٽر جو استعمال موجوده دؤر ۾ ___هر هنڌ___ ڪيو وڃي ٿو.

(i) هر هنڌ ✓ (ii) صرف اسڪولن ۾ (iii) صرف دڪانن ۾

5. ڪمپيوٽر جي ___سي پي يو___ حصي کي ڪمپيوٽر جو دماغ سڏجي ٿو.

(i) ڪي بورڊ (ii) سي پي يو ✓ (iii) مانيٽر

## ر لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| معنيٰ | لفظ |
|---|---|
| نياپو | پيغام |

جملو: ڪمپيوٽر جي ڪري پيغام پهچائڻ آسان ٿي پيو آهي.

| معنيٰ | لفظ |
|---|---|
| ڪم ڪرڻ جي نوعيت | ڪارڪردگي |

جملو: ENIAC ڪمپيوٽر جي ڪارڪردگي تمام سست هئي.

| معنيٰ | لفظ |
|---|---|
| منجھ پوڻ | سمائجڻ |

جملو: موجوده ڪمپيوٽر جو دماغ مائڪرو چپ ۾ سمائجي وڃي ٿو.

| معنيٰ | لفظ |
|---|---|
| گڏ ڪيل | ذخيرو |

جملو: ڪمپيوٽر جي وسيلي معلومات ذخيرو ڪري گھربل وقت استعمال ڪري سگھجي ٿي.

| معنيٰ | لفظ |
|---|---|
| ڄاڻ | معلومات |

جملو: رئم وسيلي ڪنهن بہ قسم جي معلومات حاصل ڪبي آهي.

# عالم سپ آباد ڪرين (بيت)

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| موٽي | واپس | مانداڻ | منزل |
| وسڻ | برسڻ | وڇون | ڪنوٽيون |
| چؤڌاري | چئني طرفن | چوڏس | چؤڌاري |
| پڇايو | پسايو | مغرب | اولهه |
| پار | طرف | ولهار | گاهه جو ميدان |
| مٿي | مٿان | سار | خبرلهڻ |
| جنبي | چنبڙي | منا | پيارا |
| سپ | سارو | سڪار | خوشحالي |
| عالم | دنيا، جهان | آباد | خوشحال |
| سدائين | هميشه | پالوٽ | مينهن جو پاڻي |
| گڙن | گوڙ ڪن | ڪهين | ڪنهن |
| دوست | ساٿي، رفيق | دلدار | دل وارو |

# بيتن جي سمجهاڻي

موتي مانداڻن جي، واري ڪيائين وار،
وجون وسڻ آئيون، چوڏس تي چوڏار.
ڪي اتي هليون استنبول ڏي، ڪي مٽيون مغرب پار.
ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندن سار.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعرن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي چوي ٿو ته مينهن وارا بادل وري موتي آيا آهن، چئني پاسن کان بادل ڪنوڻين سان گڏ وري موتي آيا آهن ۽ وسي رهيا آهن. ڪي بادل ۽ وجون استنبول ڏانهن هليون ويون آهن ته ڪي اولهه وارن علائقن ڏانهن پيون وسن ته ڪي وري چين ملڪ تي چمڪي رهيون آهن ته ڪي وري سمرقند ڏانهن وڃي نڪتيون آهن.

ڪي رمي ويون روم تي، ڪي ڪابل ڪي قنڌار،
ڪي دلي، ڪي دکن، ڪي گُڙن مٿي گِرنار.
ڪن جنبي جيسر مير تان، ڏنا بيڪانير بڪار،
ڪنهين ڀڄ ڀڄائيو، ڪنهين ڍٽ مٿانهين ڍار.

**سمجهاڻي**: هن بيت ۾ شاعرن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي چوي ٿو ته ڪي بادل ۽ وجون وري روم ڏانهن هليون ويون آهن، ته ڪي وري ڪابل ۽ قنڌار ڏانهن. ڪي دهلي ته ڪي وري دکن ڏانهن هليون ويون آهن، ته ڪي وري گرنار مٿان گوڙ ڪري رهيون آهن. ڪي وري جيسلمير تان موٽي بيڪانير تي پيون برسن ۽ ڪي ڀڄ ڀڄائن پيون.

ڪنهين اڄ عمرڪوٽ تان وسايا ولهار،
سائين! سدائين ڪرين، مٿي سنڌ سڪار،

دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعرن جو سرتاج شاهه عبداللطيف ڀٽائي چوي ٿو ته ڪجهه بادل وري عمرڪوٽ جي مٿان اچي مينهن وسائي رهيا آهن. اي منهنجا رب! اي پالڻهار منهنجي وطن سنڌ مٿان هميشه مينهن پيو وساءِ ۽ سنڌ کي سدائين خوشحال رک. اي منهنجا مٺا الله سائين! ان سان گڏ تون سڄي جهان کي به آباد ڪر.

## مشق

**ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. هن بيت ۾ افغانستان جا ڪهڙا شهر بيان ڪيا ويا آهن؟

ج: هن بيت ۾ افغانستان جا هي شهر بيان ڪيا ويا آهن، ڪابل، قنڌار ۽ سمرقند.

2. هن بيت ۾ ڪهڙن ملڪن جي شهرن جو ذڪر آهي؟

ج: هن بيت ۾ ترڪي، افغانستان ۽ هندوستان جي شهرن جو ذڪر آهي.

3. هن بيت ۾ سنڌ جا ڪهڙا علائقا ۽ شهر بيان ڪيا ويا آهن؟

ج: هن بيت ۾ سنڌ جا عمر ڪوٽ ۽ جيسر مير وارا علائقا ۽ شهر بيان ڪيا ويا آهن.

4. هي بيت ڪهڙي عظيم شاعر جو لکيل آهي؟

ج: هي بيت عظيم شاعر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو لکيل آهي.

## ب هيٺيان بيت مڪمل ڪريو.

1. موٽي مانداڻ جي، واري ڪيائين وار،
2. وڃون وسڻ آئيون، ڇوڏس ٿي ڇوڏار،
3. ڪي اتي هليون استنبول ڏي، ڪي مٽيون مغرب پار،
4. ڪي چمڪن چين تي، ڪي لهن سمرقندن سار،
5. دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سُڪار | ڏُڪار | لَهن | چڙهن |
| سدائين | ڪڏهن ڪڏهن | مٿانهين | هيٺانهين |
| دوست | دشمن | آباد | غيرآباد |

## ج لفظن جي معنيٰ لکوءِ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ولهارَ | گاهه جو ميدان |
| جملو | مينهن وسڻ سان ٽر ۾ ولهار ٿي پوندا آهن. |
| سڪار | خوشحالي |
| جملو | الله پاڪ هميشه سنڌ مٿان سڪار ڪري. |

| دوست | ساٿي |
| --- | --- |
| جملو | سچو دوست اهوئي آهي جيڪوڏکئي وقت ۾ ڪم اچي. |
| عالم | جهان |
| جملو | الله پاڪ سمورو عالم آباد ڪري. |

سبق 15



# شهيد حڪيم محمد سعيد

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| وقف ڪرڻ | حوالي ڪرڻ | مصروف | مشغول |
| عقيدت | محبت | جاکوڙ ڪرڻ | ڳولڻ |
| مانجهي مرد | بهادر ماڻهو | مسواڙ | ڪرايو |
| تعصب | ساڙ، ڪينو | تلقين | نصيحت |
| تربيت | سکيا | پاڻ پتوڙڻ | جدوجهد ڪرڻ |
| سند | ڏگري | حفظ | ياد ڪرڻ |
| جمهوري | عوامي | مطب | دواخانو |

## سبق جو خلاصو

تاريخ ۾ انهن ماڻهن جو نالو روشن رهندو آهي، جيڪي سچائي ۽ ايمانداريءَ سان پنهنجي قوم جي خدمت ڪندا آهن. شهيد حڪيم محمد سعيد پڻ انهن شخصيتن مان آهي.

شهيد حڪيم محمد سعيد 9 جنوري 1910ع تي دهليءَ ۾ پيدا ٿيو، سندس والد جو نالو حافظ عبدالمجيد هو. ٻن سالن جي عمر ۾ والد صاحب جو انتقال ٿي ويس. سندس پالنا ۽ تربيت پنهنجي امڙ ۽ وڏي ڀاءُ عبدالحميد ڪئي.

حڪيم محمد سعيد 9 سالن جي عمر ۾ قرآن شريف حفظ ڪيو.

پرائمري تعليم گهر ۾ ئي حاصل ڪيائين. وڌيڪ فارسي، عربي ۽ انگريزي تعليم سٺن استادن کان سکيائين. 1939ع ۾ حڪيم اجمل خان جي قائم ڪيل طبي ڪاليج مان طب جو اعليٰ امتحان پاس ڪري مريضن جو علاج ڪرڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي ڀاءُ سان ملي "همدرد" اداري کي ترقي ڏيارڻ ۾ مصروف ٿي ويو.

حڪيم صاحب کي قائداعظم محمد علي جناح رحہ سان تمام گهڻي عقيدت هوندي هئي. هو دهليءَ ۾ قائداعظم جي گهر به ويندو هو. آزاديءَ کان پوءِ حڪيم صاحب پنهنجو ڪاروبار ۽ مال ملڪيت ڇڏي 9 جنوري 1948ع تي هجرت ڪري پاڪستان آيو.

پاڪستان ۾ حڪيم صاحب نئين سري کان ڪم شروع ڪيو، جنهن ڪري ڪيس شروعات ۾ ڏاڍيون تڪليفون آيون، پر هن همت نه هاري. پاڪستاني عوام کي جهالت ۽ بيماريءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ رات ڏينهن محنت ڪرڻ لڳو. ڪراچيءَ ۾ هڪ ڪمرو مسواڙ تي وٺي "همدرد مطب" اسپتال قائم ڪئي ۽ جڙي ٻوٽين مان دوائون تيار ڪري، بيمارين خلاف جهاد شروع ڪيو. همدرد دواخانو 1953ع ۾ قوم جي نالي وقف ڪري ڇڏيو، ان جي آمدني طب، صحت ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ وقف ڪري پاڻ نگران جي حيثيت ۾ ڪم ڪرڻ لڳو.

شهيد حڪيم محمد سعيد کي ٻارن سان تمام گهڻي محبت هوندي هئي. ٻارن جي ڀلي لاءِ هن ڪيترين ئي رٿائون شروع ڪيون، جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون:

(1) "نونهال ادب" جي اداري جو قيام.

(2) ٻارن جي موضوع تي 100 کان وڌيڪ ڪتاب لکيائين.

(3) همدرد اسڪول جو قيام.

(4) نونهال اسيمبلي جو سلسلو.

ان کان علاوه حڪيم صاحب نوجوانن جي علم ۽ اخلاق سنوارڻ

لاءِ ”مدينته الحڪمت“ جو ادارو ڪوليائين، جنهن ۾ هڪ اعليٰ درجي جي يونيورسٽي ”همدرد يونيورسٽي“ جو بنياد رکيائين. همدرد يونيورسٽيءَ ۾ ميڊيڪل جي قديم ۽ جديد تعليم جو بندوبست آهي، جتان نوجوان تعليم پرائي، ڊاڪٽر ۽ حڪيم ٿي سڄي ملڪ جي ماڻهن جي خدمت ڪندا آهن.

حڪيم صاحب جي اهڙين خدمتن کي ساراهيندي حڪومت پاڪستان 1966ع ۾ ”ستارهٔ امتياز“ جو اعزاز ڏنو ۽ سندس شهادت کان پوءِ صدر پاڪستان ملڪ جو اعليٰ ترين اعزاز ”نشان امتياز“ حڪيم محمد سعيد جي نالي تي ڏنو. ان کان علاوه 9 جنوري کي ٻارن جو قومي ڏهاڙو قرار ڏنو ويو آهي.

شهيد حڪيم محمد سعيد پاڪستان جو وفاقي وزير ۽ سنڌ صوبي جو گورنر به رهيو پر ان دؤران به پنهنجي ڀلائي وارن ڪمن کي جاري رکندو رهيو ۽ مٿيون ذميواريون بنا معاوضي سرانجام ڏنائين.

حڪيم محمد سعيد هر قسم جي تعصب کان پاڪ هو. هو هميشه پنهنجي قوم ۾ ايڪو، ڀائپي ۽ محبت پيدا ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو، سندس زندگيءَ ۾ تمام سادگي هئي. هن جي زندگيءَ جو مقصد پنهنجي قوم لاءِ ڏينهن رات محنت ڪرڻ هو.

اهڙي نيڪ انسان کي 17 آڪٽوبر 1998ع تي ڪراچيءَ ۾ شهيد ڪيو ويو.

## مشق

**(١) هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

(1) حڪيم محمد سعيد ڪٿي پيدا ٿيو؟

(ج) حڪيم محمد سعيد 9 جنوري 1910ع تي دهليءَ ۾ پيدا ٿيو.

2 حڪيم صاحب جي تربيت ڪنهن ڪئي؟

ج حڪيم صاحب اجان ٻن سالن جو مس ٿيو ته سندس والد گذاري ويو، تنهنڪري حڪيم صاحب جي پرورش سندس والده رابعه هندي ۽ وڏي ڀاءُ عبدالحميد ڪئي.

3 حڪيم صاحب ڪهڙي نالي سان دواخانو کوليو؟

ج حڪيم صاحب همدرد نالي سان دواخانو کوليو.

4 حڪيم محمد سعيد ڪهڙن سرڪاري عهدن تي فائز رهيو؟

ج حڪيم محمد سعيد پاڪستان جو مرڪزي وزير ۽ سنڌ جو گورنر پڻ رهيو.

5 ٻارن جي حوالي سان حڪيم صاحب ڪهڙو ادارو کوليو؟

ج ٻارن لاءِ سُٺا ڪتاب ڇپائڻ لاءِ ”نونهال ادب“ جي نالي هڪ ادارو قائم ڪيائين، جنهن ٻارن لاءِ هڪ سؤ کن ڪتاب ڇپايا ۽ ”همدرد پبلڪ اسڪول“ جي نالي سان ٻارن لاءِ اعليٰ درجي جو ادارو قائم ڪيو، جنهن ۾ ٻارن کي جمهوري طريقا سيکاريائين ۽ نونهال اسيمبليءَ جو سلسلو به شروع ڪيائين.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1 حڪيم صاحب ___9___ سالن جي عمر ۾ قرآن مجيد حفظ ڪيو.

2 هن پرائمري تعليم ___پنهنجي گهر___ ۾ حاصل ڪئي.

3 سرڪاري عهدن تي فائز رهڻ دؤران حڪيم صاحب ڪڏهن به سرڪاري ___معاوضو___ نه ورتو.

4 حڪومت حڪيم صاحب جي ڄمڻ جي ڏينهن کي ___ٻارڙن___ جو قومي ڏينهن قرار ڏنو.

## ج صحيح جملي جي سامهون (✓) ۽ غلط جي سامهون (✗) جو نشان لڳايو.

1. شهيد حڪيم محمد سعيد تاريخ ساز شخصيتن مان هڪ آهي. **ص**
2. حڪيم محمد سعيد جي عمر اجان ٻه سال مس ٿي ته سنڌس والد گذاري ويو. **ص**
3. حڪيم صاحب طب جو اعليٰ امتحان 1949ع ۾ طبي ڪاليج دهليءَ مان پاس ڪيو. **غ**
4. حڪيم صاحب قائداعظم محمد علي جناح سان عقيدت هجڻ ڪري سنڌس دهليءَ واري گهر ملڻ ويندو هو. **ص**
5. قيام پاڪستان کانپوءِ حڪيم محمد سعيد پنهنجو مال ملڪيت ۽ ڪاروبار ڇڏي پاڪستان جي مشهور شهر لاهور ۾ لڏي آيو. **غ**

## د لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| عقيدت | ايمان |
| جملو | حڪيم صاحب قائد اعظم رحه سان عقيدت هجڻ ڪري دهليءَ واري گهر ملڻ ويندو هو. |
| تربيت | سِکيا/پرورش |
| جملو | حڪيم صاحب جي پرورش والده ۽ سنڌس وڏي ڀاءُ ڪئي. |
| حفظ | ياد ڪرڻ |
| جملو | حڪيم صاحب 9 سالن جي عمر ۾ قرآن پاڪ حفظ ڪيو. |
| جمهوري | عوامي |
| جملو | حڪيم صاحب "همدرد پبلڪ اسڪول" ۾ ٻارن کي جمهوري طريقا سيکاريا. |

| نونهال | ننڍو |
|---|---|

جملو: حڪيم صاحب ٻارن لاءِ "نونهال" نالي هڪ ادارو قائم ڪيو.

## ر هيٺين لفظن جا اشتقاق ڪريو:

| لفظ | اشتقاق | معنيٰ |
|---|---|---|
| پاڪستان | پاڪ + آستان | پاڪ جڳهه |
| عبادت گذار | عبادت + گذار | عبادت ڪندڙ |
| همدرد | هم _ درد | ڏک جو ساٿي |
| پابند | پا _ بند | عمل ڪندڙ |

# سلهہ جي بيماري

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| موذي | خطرناڪ | سَنڌن | جوڙن |
| روڪٿام | روڪڻ | گهرڙا | سيل ميمرين |
| نظرداري | خيال رکڻ | مدت | عرصو |
| دستياب | مهيا | لاڳيتو | لڳاتار / مسلسل |

### سبق جو خلاصو

هن ڪائنات ۾ ڪيتريون ئي مخلوقات رهن ٿيون. هر مخلوق جي رهڻي ڪهڻيءَ جا پنهنجا پنهنجا انداز ۽ نمونا آهن. جيتري مخلوق پراڻي آهي اوتروئي بيماريون بہ پراڻيون آهن. سلهہ بہ هڪ پراڻي بيماري آهي. سلهہ جي بيماري بہ تمام تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. هڪ اندازي موجب هر سال انن ڪان ڏهہ لک ماڻهو هن بيماريءَ جو شڪار ٿين ٿا.

سلهہ جي بيماري ٿيڻ جا ڪيترائي سبب آهن، جن مان اهم سبب کاڌ خوراڪ، جي کوٽ ۽ ماڻهن جي آبادي وڌي وڃڻ آهي. هيءَ بيماري جيوڙن جي هڪ گروپ وسيلي ٿيندي آهي، جن کي مائيڪرو بيڪٽيريا چئبو آهي. پنجن سالن کان گهٽ عمر وارا ٻار ۽ خاص ڪري پوڙها هن بيماريءَ جو شڪار ٿين ٿا. هن بيماريءَ ۾ 80 سيڪڙو ڦڦڙ ۽ ساهہ کڻڻ جي نظام جا عضوا متاثر ٿين ٿا. سلهہ مان اڪثر ڪري مراد ڦڦڙن جي سلهہ هوندي آهي. جڏهن تہ 20 سيڪڙو مريض، جسم جي ٻين عضون جي سلهہ ۾ شڪار هوندا آهن.

سلهه جي جيوڙن کي ”تيوبرڪل“ چئبو آهي. ان نسبت سان سلهه کي ٽي، بي چوندا آهن. سلهه جي بيماريءَ جون علامتون يا نشانيون هيٺيون آهن.

(1) ٽي هفتا يا ان کان وڌيڪ کنگهه جو هجڻ.

(2) کانگهاري يا بلغم ۾ رت اچڻ.

(3) لاڳيتو يا هلڪو بخار رهڻ، ساهه منجهڻ.

(4) رات جو سمهڻ مهل پگهر اچڻ، ڇاتيءَ ۾ سُور پوڻ.

(5) بک گهٽ لڳڻ، وزن گهٽجڻ، جلدي ٿڪجي پوڻ.

هڪ مريض ۾ اهي سڀ يا انهن مان ڪجهه علامتون ٿي سگهن ٿيون، بهرحال مٿي ڏنل نشانين جي آڌار تي متاثر مريضن جي رت ۽ بلغم جي چڪاس ڪرائجي ۽ ڇاتيءَ جي ايڪسري (X-Ray) ڪرائجي.

پاڪستان سرڪار ”قومي سلهه روڪٿام پروگرام“ جوڙيو آهي. جنهن تحت سلهه جي علاج ۽ روڪٿام جون سهولتون، سلهه جي خاص اسپتالن کان سواءِ هيٺين سطح جي ”بنيادي مرڪزن“ تائين پهچايون ويون آهن ته جيئن مريضن جي ترت سڃاڻپ ٿي سگهي ۽ کين گهر تائين سهولتون پهچائي سگهجن. اڳي سلهه کي لاعلاج مرض سمجهيو ويندو هو، پر هاڻي ان جو باقاعدي علاج ڳولهي لڌو ويو آهي ۽ اهي دوائون هڪ خاص عرصي تائين وٺڻ سان مريض مڪمل صحتياب ٿي وڃي ٿو.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1 سلهه جي بيماري ڇو ٿي ٿئي؟

ج. کاڌ خوراڪ جي کوٽ، بنيادي سهولتون موجود نه هجڻ، آباديءَ جو وڌي وڃڻ هن بيماريءَ جا اهم ڪارڻ آهن. ايڊز جي ڪري هيءَ بيماري اجان وڌيڪ پکڙجي رهي آهي.

2 سلھ کان بچاءَ جا ٽڪا ٻار جي ڄمڻ کان ڪيتري عمر تائين لڳايا ويندا آھن؟

ج سلھ کان بچاءَ جا ٽڪا ٻار جي ڄمڻ کان پندرھن سالن تائين لڳايا ويندا آھن.

3 ڦھڙيون ڦيڦڙو سلھ جي جيوڙي جي لڳڻ کي ڇا سڏيو وڃي ٿو؟

ج ڦھڙيون ڦيڦڙو سلھ جي جيوڙي جي لڳڻ کي ٽيوبر ڪل سڏيو وڃي ٿو.

4 سلھ کي ٻيو ڇا سڏيو ويندو آھي؟

ج سلھ کي ٻيو ٽِي ـ بي سڏيو ويندو آھي.

5 ٻيون ڦيڦڙو سلھ گھڻو ڪري ڪھڙن عضون ۾ ٿيندي آھي؟

ج ٻيون ڦيڦڙو سلھ گھڻو ڪري ڦڦڙن ۾ ٿينديآھي.

6 جيوڙن جي داخل ٿيڻ سان رت ۾ ڪھڙو ردعمل ٿئي ٿو؟

ج جيوڙن جي داخل ٿيڻ سان جسم ۾ رت جي اڇن جزن ۾ آھستي رد عمل ٿئي ٿو، جنھن جيوڙن جي جاءِ تي سفيد گھرڙا پھچڻ شروع ٿيندا ۽ پوءِ اتي ھڪ ننڍڙي ڳوڙھي ٿي پوندي آھي، جنھن کي ”ٽيوبر ڪل“ چوندا آھن. سڄو عمل 12 ڪلاڪن ۾ ٿيندو آھي.

## ب ھيٺيان خال ڀريو

1 سلھ گھڻو ڪري ڪاڌي جي سرشتيءَ ڦڦڙن ۾ ٿيندي آھي.

2 سلھ جي جيوڙن کي ٽيوبر ڪل سڏيو ويندو آھي.

3 ھيءَ بيماري مائڪرو بيڪٽيريا جي ڦھلجڻ ڪري ٿئي ٿي.

4 پاڪستان ۾ قومي سلھ ___روڪٿام___ پروگرام ڪي ترتيب ڏنو ويو آھي.

## ج هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| سرڪاري | خانگي | مريض | تندرست |
| غريب | امير | صحيح | غلط |
| وڌڻ | گھٽجڻ | | |

## د لفظن جي معنيٰ لکيءَ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| نظام | سرشتو |
| جملو | سلھ جي ڪري جسم جي بچاءَ وارو نظام ڪمزور ٿي وڃي ٿو. |
| تحقيق | ڪوجنا |
| جملو | تحقيق مطابق سِلھ جي بيماري عيسوي سن کان پوٽا چار هزار سال پراڻي آھي. |
| ردعمل | عمل کي بگاڙيندڙ |
| جملو | برائيءَ جو رد عمل بہ برائي آھي. |
| حاوي | غالب |
| جملو | ڪمزور ماڻھوءَ تي سِلھ جي بيماري جلدي حاوي ٿي وڃي ٿي. |
| علامتون | نشانيون |
| جملو | بُک گھٽ لڳڻ، وزن گھٽجڻ، جلدي ٿڪجڻ بہ سلھ جون علامتون آھن. |

سبق 17

# سونا سونا سنگ



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| پوتي | رئو |
| لولو | ماني |
| هيڻا | ڪمزور |
| اُمنگ | اُميد |
| چولو | قميص |
| ننگ | عزت |
| سَار | سنڀال |
| شان | عزت |

## بيتن جي سمجهاڻي

سونا سونا سنگ پنين ۾،
سونا سونا سنگ!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”مير محمد پيرزادو“ چوي ٿو تہ پنيءَ ۾ جيڪي سنگ آهن، اهي اصل ۾ سونا سنگ آهن، جو تہ انهن سنگن جي بدلي ۾ اسان ڪيترين ئي شين خريد ڪري سگهون ٿا.

ڪنهن جي پوتي، ڪنهن جو چولو،
ڪنهن جي پيٽ پرڻ جو لولو،
ڪنهن جي عزت، شان ۽ شوڪت،
ڪنهن جا آهن ننگ، پنين ۾،
سونا سونا سنگ!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”مير محمد پيرزادو“ چوي ٿو تہ پنين ۾

جيڪي اناج جا سنگ آهن، اهي سنگ اصل ۾ سونا آهن ۽ اهي سنگ ڪنهن جي پوتي، ڪنهن جي قميص، ڪنهن جي عزت ۽ شان ڪنهن جي پيٽ پرڻ جو ذريعو ٿيندا آهن، حقيقت ۾ اهي سون جا سنگ آهن.

مرڻ، جيئڻ جو ڪنهن جو سوال،
هيٺا هڏڙا، هيٺو حال،
ڪنهن جو پيار ته ڪنهن جي سار،
ڪنهن جي آس، اُمنگ، ٻنين ۾،

سونا سونا سنگ!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”مير محمد پيرزادو“ چوي ٿو ته ٻنين ۾ جيڪي سونا سنگ آهن، انهن ۾ ڪن جي زندگيءَ جي مرڻ، جيئڻ جو سوال هوندو آهي ۽ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪي ويچارا هيٺي حال ۾ هوندا آهن ۽ ڪي ويچارا پيار ۽ اميد پرين امنگن سان ٻنين کي ڏسندا رهندا آهن، جڏهن سنگ پچي تيار ٿيندا آهن ته اهي ان جي لاءِ سون جهڙا سنگ هوندا آهن.

پوک پڪل جا سنگ نچن ٿا،
خاموشيءَ ۾ ساز وڄن ٿا،
جُهولن، جُهولن، جُهومن، ڳائن،
ڄڻ ته هوا ۾ چنگ، ٻنين ۾،
سونا سونا سنگ!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”مير محمد پيرزادو“ چوي ٿو ته جڏهن ٻنيءَ ۾ پوک پچي تيار ٿي ويندي آهي ته ڄڻ ان جا سنگ نچندا آهن ۽ خوشيءَ ۾ جهومندا ڳائيندا آهن ۽ ائين لڳندو آهي ته ڄڻ هوا ۾ چنگ جو آواز هوندو آهي. اهو ان ڪري هوندو آهي جو اهي سون وارا سنگ ٻئي ڪنهن جي خوشيءَ جو باعث بڻجندا آهن.

# مشق

## ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هي نظم ڪهڙي شاعر جو لکيل آهي؟

ج: هي نظم شاعر مير محمد پيرزادو جو لکيل آهي.

2. شاعر جي ”سونا سونا سنگ“ مان ڇا مراد آهي؟

ج: شاعر جي ”سونا سونا سنگ“ مان مراد آهي پڪل پوک يا فصل.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. ڪنهن جي پوتي، ڪنهن جو ____چولو____
2. سونا سونا ____سنگ____ ٻنين ۾
3. پوک پڪل جا ____سنگ____ نچن ٿا
4. ____خاموشيءَ____ ۾ ساز وڄن ٿا

## ج هيٺين لفظن جا جمع لکو.

| واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| ٻني | ٻنيون | پوک | پوکون |
| آس | آسون | پوتي | پوتيون |
| امنگ | امنگون | جهولو | جهولا |

د سنگ، ننگ، امنگ، چنگ هم آواز لفظ آهن، جن کي قافيو چئجي ٿو. اهڙا چار ٻيا به لفظ ٻڌايوءِ آس، امنگ، سنگ ۽ چنگ لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو.



# مھاڻو

## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| مھاڻو | مڇي ماريندڙ | | |
| اهميت | ضرورت | | |
| جسماني | بدني | تلاش | ڳولا |
| مشڪل | ڏکيو | ڌنڌو | ڪاروبار |
| سست | ڪاهل | سير | تفريح لاءِ گهمڻ |
| ڪهاڻي | آکاڻي | عجيب | حيرتناڪ |
| الوداع | موڪلاڻي | روزگار | ڌنڌو |
| ڳچ | گهڻي | پيداوار | اپت |
| معزز | عزت وارو | ويڙهه | جهيڙو |
| واڌارو | ترقي | سامهون | آڏو |

### سبق جو خلاصو

آئون مھاڻو آهيان. منهنجو ڪم آهي مڇي مارڻ. ماڻهو مون کي ميربحر، ملاح، ناکئو ۽ نہ ڄاڻان تہ ڇاڇا تا چون. آئون سماج جي ڪيترن ئي بيڪار ۽ سست ماڻهن وانگر هٿ تي هٿ رکي ڪين نہ ويهندو آهيان، پر ڍنڍن، تلائن، دريائن ۽ سمنڊن جي پاڻيءَ مان مڇي مارڻ کان سواءِ درياهہ ۽ سمنڊ ۾ ٻيڙي هلائي ۽ سير بہ ڪرائيندو آهيان.

منهنجي ڪهاڻي بہ عجيب آهي، پاڻيءَ مان مڇيون ۽ ٻيا جانور پڪڙڻ نهايت مشڪل ڪم هو، اهو آئون ئي هيس، جنهن پاڻيءَ مان مڇيون ۽ ٻيا جانور پڪڙڻ جو ڌنڌو اختيار ڪيو ۽ انسان ذات لاءِ مڇي ۽ ٻين پاڻيءَ جي جانورن جو گوشت مهيا ڪيو.

جيئن جيئن انسان ترقي ڪندو ويو، تيئن تيئن، اسين بہ پنهنجي

ڏنڍي ۾ ترقي ڪندا وياسين، جڏهن انسانن جي وڌندڙ آباديءَ ڪي خوراڪ جو مسئلو درپيش آيو، تڏهن حڪومت کي بہ احساس ٿيو تہ اسين مهاڻا ڪيتري نہ ڪم وارا آهيون، اهوئي سبب آهي جو هاڻي حڪومت اسان جي ڌنڌي کي بين معزز پيشن وانگر معزز پيشي جو درجو ڏنو آهي. مون کي پنهنجي پورهئي تي فخر آهي. آئون سمنڊن، دريائن، تلائن ۽ ڍنڍن جي پاڻيءَ سان ويڙهه ڪري، پنهنجي ماڻهن کي خوراڪ پهچايان ٿو، جيڪا هڪ وڏي انساني خدمت آهي.

## مشق

**ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

1. مهاڻو ڇا ڪندو آهي؟

ج: مهاڻو مڇي ماريندو آهي.

2. مڇي ڪهڙي طرح ماربي آهي؟

ج: سُٽُ ۽ ريشمي ڌاڳي مان تيار ڪيل رڇ ۽ ڄارين ذريعي دريائن، تلائن ۽ سمنڊن مان گهڻي مقدار ۾ مڇي ماربي آهي.

3. حڪومت مڇي مارڻ واري ڌنڌي کي ترقي وٺائڻ لاءِ ڪهڙا اپاءَ ورتا آهن؟

ج: حڪومت مڇي مارڻ واري ڌنڌي کي ترقي وٺائڻ لاءِ نيون وسنديون نهرايون آهن. لانچون، وڏا ٽرالر ۽ مڇي مارڻ جا دخاني ٻيڙا دستياب ڪري ڏنا آهن. رڇن ۽ ڄارين ناهڻ لاءِ پلاسٽڪ مهيا ڪري ڏني وئي آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. منهنجو ڪم ___مڇي___ مارڻ آهي.
2. آئون هن سماج جي ڪيترن ئي ماڻهن وانگر ___سست___ ناهيان.
3. پاڻيءَ مان مڇي ۽ ٻيا جانور پڪڙڻ هڪ ___مشڪل___ ڪم آهي.
4. انسان ڪي ڪاٺ جي تختن مان ___ٻيڙيون___ ناهڻ لاءِ ڏيان ٻه مون چڪايو.
5. حڪومت اسان جي ڌنڌي کي ٻه ٻين ڌنڌن جيان ___معزز___ ڌنڌو سمجهي ٿي.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. آئون ___مهاڻو___ آهيان.

(i) ڪاريگر (ii) شڪاري (iii) مهاڻو ✓

2. منهنجو ڪم ___مڇي___ مارڻ آهي.

(i) مڇي ✓ (ii) جانور (iii) پکي

3. آئون هن سماج جي ڪيترن ئي ماڻهن وانگر ___سُست___ ناهيان.

(i) سُست ✓ (ii) چُست (iii) چالاڪ

4. پاڻيءَ مان مڇي ۽ ٻيا جانور پڪڙڻ هڪ ___مشڪل___ ڪم آهي.

(i) سولو (ii) مشڪل ✓ (iii) ڪو ٻه نه

5 حڪومت اسان جي ڏنڌي کي بہ ٻين ڏنڌن جيان معزز ________
ڏنڌو سمجهي ٿي.

(i) ننڍو (ii) وڏو (iii) معزز ✓

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| سردي | گرمي | وسندي | غير آباد |
| آبادي | بربادي | انسان | حيوان |
| اندر | ٻاهر | مشڪل | آسان |

## ر لفظن جي معنيٰ لکيو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| ناکئو | ميربحر/مهاڻو |
| جملو | ناکئو دريائن، سمنڊن، تلائن، ڍنڍن مان مڇي ماريندو آهي. |
| درپيش | پيش / اينڊز |
| جملو | مهاڻن کي مڇي مارڻ دؤران ڪيترين ئي تڪليفون درپيش اچن ٿيون. |
| ڪارائتي | فائدي واري |
| جملو | ڪمپيوٽر ڏاڍي ڪارائتي شيءِ آهي. |
| جوکائتي | ڏکئي |
| جملو | مهاڻن کي هن جوکائتي ڌنڌي جو صحيح اجورو ڏنو ويندو آهي. |

سبق 19

# منهنجو وطن



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| ڳانڍاپو | ڳڏيل | | |
| شمار | ڳڻپ | | |
| جياپو | جيئڻ جو آسرو | | |
| عجائبات | انوکيون شيون | پند | ختم/ برباد |
| ليکيو | شمار کيو | لڙهيءَ | موتين جي مالا |
| پوئي | پروئي/ ڳنڍي | | |

## سبق جو خلاصو

منهنجو وطن پاڪستان آهي، جيڪو 1947ع ۾ انگريزن جي غلاميءَ مان آزاد ٿيو هو. هن ۾ چار صوبا سنڌ، پنجاب، بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا آهن. پاڪستان کي الله تعاليٰ ڪيترين ئي نعمتن سان نوازيو آهي. اتر ۽ اولهه ۾ وڏا جبل آهن، جن ۾ لوڻ، ڪوئلو، ٽامي ۽ سنگمرمر جون کاڻيون آهن. جبلن تي برف پوي ٿي، جنهن جو پاڻي دريائن ۾ اچي ملڪ کي آباد ڪري ٿو.

پاڪستان جي اوير ۾ ريگستاني علائقو ۽ ڏکڻ ۾ عربي سمنڊ اٿس. پاڪستان جي وچ وارو علائقو ميداني آهي، جنهن منجهان سنڌو درياءُ وهي ٿو، جيڪو دنيا جي وڏن دريائن مان هڪ آهي. انهيءَ درياءَ تي پاڪستان جي جياپي جو دارومدار آهي.

تيل ۽ گئس جا ذخيرا سڄي پاڪستان جي زمين ۾ موجود آهن. پاڪستان جي تهذيب دنيا جي قديم تهذيبن ۾ شمار ٿئي ٿي، آمري، ڪوٽڏيجي، هڙاپا، ٽئڪسيلا، مهر ڳڙهه ۽ موئن جي دڙي جا آثار سڄي دنيا جي ماهرن جي نظرن ۾ وڏي اهميت وارا آهن. سليمان جبل جي اوچي ۾ اوچي چوٽي ڪي-ٽو به سڄي دنيا ۾ مشهور آهي. ضلعي دادوءَ ۾ اڏيل رني ڪوٽ جنهن جي ڊيگهه چوويهه ميل آهي، دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو سمجهو وڃي ٿو. انهيءَ کان سواءِ انهيءَ ۾ لکين سال اڳ جي انسانن جي رهڻ جا غار ۽ پاڻي روڪڻ لاءِ پٿر جا ٺهيل بند به ڏسڻ وٽان آهن. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پاڻي پهچائڻ لاءِ قائم ڪيل سکر بئراج جو آبپاشي نظام دنيا جو وڏي ۾ وڏو آبپاشي نظام ليکيو وڃي ٿو. انهيءَ کان سواءِ ڪيوڙا جون لوڻ جون کاڻيون، منگلا ۽ تربيلا جا ڊئم به عجب جهڙا ڪارناما آهي. پاڪستان جي چئني صوبن ۾ جدا جدا تهذيب رکندڙ قومون رهن ٿيون، پر اسلام جي نالي تي سڀ هڪ ٿي رهي رهيون آهن. منهنجو وطن تهذيب ۽ تاريخ جي لحاظ سان اعليٰ نمونو آهي. اسين سڀ ڏينهن رات محنت ۾ رُڌل آهيون. اهو ڏينهن پري ناهي جو اسان به علم ۽ سائنس جي ميدان ۾ ترقي ڪري سڌريل ملڪن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيهنداسين، پر اهو تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن اسين پنهنجي پنهنجي شعبي ۾ مهارت حاصل ڪنداسين ۽ حڪومت جا ٻانهن ٻيلي ٿي سندس جي ڪمن ۾ تعاون ڪنداسين. جڏهن اهڙو خوشگوار ماحول جُڙندو، تڏهن اسين ترقي پذير نه بلڪ ترقي يافته ملڪن جي صف ۾ بيهنداسين.

## مشق

**ا هينين سوالن جا جواب لکو.**

1. پاڪستان ڪڏهن آزاد ٿيو؟

ج. پاڪستان 1947ع ۾ آزاد ٿيو.

2. پاڪستان جي جياپي جو دارومدار ڪهڙي درياءَ تي آهي؟

ج. پاڪستان جي جياپي جو دارومدار سنڌو درياءَ تي آهي.

3. پاڪستان ۾ ڪهڙا معدني خزانا آهن؟

ج. پاڪستان ۾ لوهه، ڪوئلي، لوڻ، ٽامي، سنگ مرمر، تيل ۽ گئس جا خزانا آهن.

4. پاڪستان ۾ اوچي چوٽي ڪهڙي آهي؟

ج. پاڪستان ۾ اوچي چوٽي ڪي ـ ٽو آهي، جنهن جي اوچائي 29 هزار فٽ آهي.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. سنڌو درياءَ تي سڄي ___پاڪستان___ جو جياپو آهي.
2. پاڪستان پنهنجي قديم ___تهذيب___ جي ڪري مشهور آهي.
3. ريگستاني علائقو ___برسات___ پوڻ جي ڪري سرسبز ٿي پوندو آهي.
4. ___سکر___ بئراج کي پاڻي پهچائڻ جو دنيا ۾ وڏو سرشتو ليکيو وڃي ٿو.

## ج صحيح جملي جي سامهون ”ص“ ۽ غلط جملي جي سامهون ”غ“ لکو.

1. انگريزن کان 1947ع ۾ پاڪستان آزاد ٿيو. ص
2. پاڪستان جي اوير طرف برفاني علائقو آهي. غ
3. پاڪستان جي وچ وارو علائقو ريگستاني آهي. غ

4 سنڌو درياءَ تي سڄي پاڪستان جو جياپو آهي. ص

5 رني ڪوٽ دنيا جو وڏي ۾ وڏو قلعو آهي. ص

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
| --- | --- | --- | --- |
| ڪچو | پڪو | اڳ | پٺ |
| ادنيٰ | اعليٰ | جديد | قديم |
| گڏ | جدا | محبت | نفرت |

## ر لفظن جي معنيٰ لکو۽ جملن ۾ ڪم آڻيو.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| ڳانڍاپو | تعلق |

جملو: آزاد ڪشمير جو ڳانڍاپو بہ پاڪستان سان آهي.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| خزانو | دولت |

جملو: ٿر ۾ ڪوئلي جو وڏو خزانو آهي.

| لفظ | معنيٰ |
| --- | --- |
| پندپهڻ | پٿرتيل |

جملو: رني ڪوٽ جي پويان پند پهڻ تيل جهنگل بہ عجائبات ۾ شامل آهي.

سبق 20

# صحت جا دشمن



## ڏکين لفظن جي معنيٰ

| لفظ | معنيٰ | لفظ | معنيٰ |
|---|---|---|---|
| قائم رکڻ | سلامت رکڻ | هاجيڪار | نقصانڪار |
| واپرائيندڙ | استعمال ڪندڙ | مبتلا | ڦاٿل |
| جزا | عنصر | ڏڳ | ڳوڙهيون |
| موڳو | ڪمزور | دق | خراب بيماري |
| ڪٽنب | خاندان | قوت | طاقت |

### سبق جو خلاصو

صحت يا تندرستي الله تعاليٰ جي ڏنل نعمت آهي، ان نعمت کي قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان ان جي دشمنن کان پاسو ڪريون. نشيدار شيون صحت جون دشمن آهن.

تماڪ به هڪ نشيدار شيءِ آهي، جنهن ۾ موجود هڪ زهريلو جزو ”نڪوٽين“ انساني صحت لاءِ تمام گهڻو خطرناڪ آهي، سگريٽ، حقو، سگار يا پن جي بيڙي سڀ انساني صحت لاءِ سخت نقصانڪار آهن.

تماڪ ڇڪڻ واري ماڻهوءَ جو رت پيلو ٿي ويندو آهي ۽ ماڻهوءَ جو دماغ ڪمزور ٿي ويندو آهي. سندس ڦڦڙ به ڪمزور ٿي وڃن ٿا، هاضمو به خراب ٿي وڃي ٿو ۽ اڳتي هلي سلهه جهڙي خطرناڪ بيماريءَ ۾ ونجي ويندو. ننڍي عمر ۾ سگريٽ ڇڪڻ اجان به وڌيڪ خطرناڪ آهي.

تماڪ کان سواءِ شراب، آفيم، چرس، ڀنگ ۽ هيروئن پڻ بيحد نشيدار شيون آهن ۽ انهن کي واپرائڻ انساني صحت لاءِ تمام گهڻو نقصانڪار آهي. انهن جي واپرائڻ سان جيرو ڳري ناس ٿيو وڃي. ڦڦڙ ۽ آنڊن کي به وڏو نقصان پهچي ٿو، شراب پيئڻ سان ماڻهوءَ جي زبان ۾ اٽڪ پيدا ٿئي ٿي، نظر خراب ٿئي ٿي، هٿن، پيرن ۽ ڄنگهن ۾ طاقت نٿي رهي ۽ سوچ سمجهه به ختم ٿيو وڃي. آفيم، چرس، ڀنگ ۽ هيروئن به ماڻهوءَ جي جسم کي ڳاري ناس ڪري ڇڏي ٿي.

اسان جو فرض آهي ته اسين انهن نشيدار شين کان پري رهون، تڏهن ئي اسان پنهنجي ڪٽنب، قوم ۽ ملڪ لاءِ ڪارائتا بڻجي خدمت ڪري سگهون ٿا.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. صحتمند ماڻهوءَ لاءِ ڇا ضروري آهي؟

صحتمند ماڻهو لاءِ ضروري آهي ته جيڪي اصول صحت قائمرکڻ لاءِ لازمي هجن انهن تي هلڻ گهرجي، ۽ جيڪي شيون صحت لاءِ نقصانڪار هجن انهن کان پاڻ کي ۽ پنهنجي ماحول کيبچائجي

2. صحت ڇو ضروري آهي؟

صحت ان ڪري ضروري آهي ته بيمار ماڻهن جي

زندگي ڏاڍي ڏکي گذري ٿي صحتمند ماڻهو سڀ ڪجھ آسانيءَ سان ڪري سگھي ٿو. سياڻن جو چوڻ آهي ”صحت آهي تہ جهان آهي.“

3. تماڪ ۾ ڪهڙو زهريلو جزو هوندو آهي؟

تماڪ ۾ سڀ کان وڏيڪ زهريلو جزو نڪوٽين هوندو آهي.

4. تماڪ کانسواءِ صحت جا ٻيا ڪهڙا دشمن آهن؟

تماڪ کانسواءِ شراب، چرس، آفيم، ڀنگ ۽ هيروئن بہ صحت جا دشمن آهن.

## ب هيٺيان خال ڀريو:

1. صحت الله تعاليٰ جي وڏي ___نعمت___ آهي.
2. پنهنجي صحت جو گهڻو ___خيال___ رکڻ گهرجي.
3. تماڪ صحت جو وڏو ___دشمن___ آهي.
4. ٻيون ___نشي___ واريون شيون بہ صحت جون دشمن آهن.
5. تماڪ جي زهريلي جزن مان گهڻي نقصان واري شيءِ ___نڪوٽين___ آهي.

## ج صحيح جواب چونڊيو.

1. صحت الله تعاليٰ جي وڏي ___نعمت___ آهي.

(i) عزت (ii) نعمت ✓ (iii) سخاوت

2. پنهنجي ___صحت___ جو گهڻو خيال رکڻ گهرجي.

(i) صحت ✓ (ii) دولت (iii) طاقت

3. انهن بيمارين ۾ ماڻهن جي زندگي ڏاڍي ڏکي گذري ٿي.

(i) سُکي (ii) ڏکي ✓ (iii) آسودي

4. نڪوٽين اُها شيءِ آهي جنهن جو تمام ٿورو مقدار هڪ ڪُتي کي ماري سگهي ٿو.

(i) هاٿي (ii) شينهن (iii) ڪُتي ✓

5. سنڌس جسم جي رتُ ڳاڙهيءَ مان ڦري پِيلي ٿي ويندي آهي.

(i) نيري (ii) اڇي (iii) پِيلي ✓

## د هيٺين لفظن جا ضد لکو.

| لفظ | ضد | لفظ | ضد |
|---|---|---|---|
| صحتمند | بيمار | دشمن | دوست |
| عاقل | بيوقوف | نقصان | فائدو |
| ڪمزور | طاقتور | گهٽو | گهڻ/ ٿورو |

سبق 21

# واهہ قدرت رب ڪريم

## ڏکين لفظن جي معنيٰ







| لفظ | معنيٰ |
|---|---|
| آباديون | وسنديون |
| بهاريون | خوشيون |
| وراڪا | وروڪڙ |
| هير | تڏڙي هوا |
| ڪارَ | ڪارو رنگ |
| ساراهہ | تعريف |
| گولون | گاهہ جو نالو آهي |
| گلزاريون | بهاريون |
| ملهاريون | خوشيون |
| گجگاهہ | گهاٽا ڪڪر |
| ڪارِ | تيئن |
| ڪاهون | تيزيءَ سان اچڻ |
| ساوڪ | سرسبز |
| جَرَ | زمين جي هيٺيان |

## بيتن جي سمجهاڻي

اج تہ باغن ۾ بهاريون، واهہ قدرت رب ڪريم!
اج تہ ملڪن ۾ ملهاريون، واهہ قدرت رب ڪريم!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”حاجي احمد ملاح“ چوي ٿو تہ اج باغن ۾ ڏاڍيون بهاريون ۽ خوشيون لڳيو پيون آهن ۽ ملڪن ۾ پڻ خوشيون ۽ بهاريون لڳيون پيون آهن. اها سڀ رب ڪريم جي قدرت آهي، جنهن جي حڪم سان اهي موجون لڳيون پيون آهن.

چا ڏسان وچڙن وراڪا، چا ٻڌان گجگاهہ گوڙ،
چا هوائون هير واريون، واهہ قدرت رب ڪريم!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”حاجي احمد ملاح“ چوي ٿو تہ مان ڪنوڻ جا تجلا ڏسان ٿو ۽ ڪڪرن جو گجگوڙ بہ ٻڌان ٿو ۽ ان سان گڏوگڏ ٿڌڙيون هوائون بہ گهلن ٿيون. اها سڀ رب ڪريم جي قدرت آهي. مالڪ سائينءَ جي حڪم سان اهو سڀ ٿي رهيو آهي.

ڪار پنيان ڪار ڪڪرن، ڪيترين ڪاهون ڪُٽيان،
ڪر اچن ڪونجون قطارون، واهہ قدرت رب ڪريم!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”حاجي احمد ملاح“ چوي ٿو تہ ڪارا ڪڪر هڪٻئي پنيان ايتري تعداد ۾ اچن ٿا جو ڪيترا ڳٽي ڪيترا ڳٽيان، پر لڳن ائين ٿا جيئن ڪونجون پنهنجي وطن ڪان ولر ڪري اچن پيون. اها سڀ رب ڪريم جي قدرت آهي.

واهہ گلزاريون گلن جون، واهہ گولن، واهہ گاهہ!
واهہ ساوڪ! واهہ ساريون! واهہ قدرت رب ڪريم!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”حاجي احمد ملاح“ چوي ٿو تہ هر طرف گلن جون گلزاريون لڳيون پيون آهن ۽ خوشبو مهڪي رهي آهي. چؤطرف گاهن ۽ گولن جي صورت ۾ ساواڻ لڳي پئي آهي ۽ ان سان گڏوگڏ سارين

جو سرسبز فصل ٻہ ٻھڪي رهيو آهي. اها سڀ رب ڪريم جي قدرت آهي.

سر ڪيا ساوا، سڪل ساٽي منجهان دانا ڏٽي،
چا سندس ساراهہ ساريون، واهہ قدرت رب ڪريم!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”حاجي احمد ملاح“ چوي ٿو تہ الله تعاليٰ سڪل ڪٽي مان سر ساوا ڪري ڇڏيا ۽ سارين ڪي ڏسي بي اختيار ان رب جي ساراهہ زبان تي جاري ٿي وڃي ٿي. اها سڀ رب ڪريم جي قدرت آهي.

جر منجهان جيئرا بنائي، ڏات مان هر ذات ڪي،
صورتون سيئي سونهاريون، واهہ قدرت رب ڪريم!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”حاجي احمد ملاح“ چوي ٿو تہ زمين جي تري مان الله تعاليٰ پنهنجي قدرت سان زنده شيون پيدا ڪري ٿو ۽ انهن سيني کي سهڻيون شڪليون ڏئي ظاهر ڪري ٿو. اها سڀ رب ڪريم جي قدرت آهي.

آب آباديون عجب، ”احمد“ چوي عبدالمجيد،
آءُ تہ گڏجي خوش گذاريون، واهہ قدرت رب ڪريم!

**سمجهاڻي:** هن بيت ۾ شاعر ”حاجي احمد ملاح“ چوي ٿو تہ پاڻيءَ سان ٿيندڙ آباديون عجيب قسم جون آهن. اچو تہ سڀ گڏجي خوش گذاريون. اها سڀ رب ڪريم جي قدرت آهي.

## مشق

### ا هيٺين سوالن جا جواب لکو.

1. هي نظم ڪنهن جو لکيل آهي؟

ج. هي نظم ”حاجي احمد ملاح“ جو لکيل آهي.

2. هر هڪ تي ڪنهن جا احسان آهن؟

ج. هر هڪ تي الله تعاليٰ جا احسان آهن.

3. سيني تي ڪرم ڪرڻ وارو ڪير آهي؟

ج. سيني تي ڪرم ڪرڻ وارو الله تعاليٰ آهي.